هفتيوار رسالو



# يارهين شريف
## جون برڪتون

يارهين شريف جو مطلب؟

500 سال اڳ جي مفسرِ قرآن جو ارشاد

يارهين وارو پير ڇو چوندا آهن؟

آفتن ۽ بلائن کان حفاظت جو نسخو



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَکَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَکَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: يارهين شريف جون برڪتون

ڇاپو پهريون: ربیع الثانی 1448ھ ‘سيپٽمبر 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# يارهين شريف جون برڪتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

دُرود شريف جي فضيلت ........ 1
يارهين شريف جو مطلب؟ ........ 3
”دستگير“ جي 6 حرفن جي نسبت سان ايصالِ ثواب بابت 6 مبارڪ حديثون ........ 4
بخاري، مسلم ۽ ابو داؤد شريف مان ثابت ٿيندڙ ڳالهيون ........ 5
فوت ٿي ويندڙن کي ثواب پهچندو آهي ........ 6
پنهنجي مرحومين کي تحفا موڪليندا ڪريو ........ 7
ڪنهن چا ته خوب چيو آهي: ........ 7
فرشتا ايصالِ ثواب ڪندا آهن ........ 7
صحابهِ ڪرام ٻه ايصالِ ثواب ڪندا هئا ........ 8
صحابيءِ نبي خود ايصالِ ثواب ڪرڻ جو حڪم ڏنو (واقعو) ........ 8
”ٻارهين“ واري آقا جو فيضان آهي ”يارهين شريف“ ........ 10
فاتحه ۽ نياز وارو کاڌو بابرڪت ٿي ويندو آهي ........ 12
کاڌي تي تلاوت جي برڪت ........ 12
ايصالِ ثواب کان روڪڻ شيطاني ڪم آهي ........ 13
يارهين شريف بابت بزرگن جا ارشادَ ........ 15
تقريباً 400 سال پهريان يارهين ملهائيندڙ بزرگ ........ 15
بغداد شريف ۾ مزارِ غوثِ پاڪ تي وقت جي بادشاه جي حاضري ........ 16
500 سال اڳ جي عالم جو ارشاد ........ 17
يارهين شريف جو شرعي حڪم ........ 18
يارهين شريف وڏي برڪت واري آهي ........ 18
آفتن ۽ بلائن کان حفاظت جو نسخو ........ 19
(1) اعليٰ حضرت ۽ يارهين جو تبرڪ (واقعو) ........ 21
خاندانِ اعليٰ حضرت ۽ يارهين شريف جو طريقو ........ 22
اميرِ اهلِ سنت جو مبارڪ انداز ........ 23

يارهين شريف جون برڪتون ........................ 23
(2) يارهين شريف جو عاشق (واقعو) ........................ 24
(3) مفتيِ اعظم هند ۤ يارهين شريف (واقعو) ........................ 25
ٿورو ڪاڏو گهٽن ماڻهن لاءِ ڪافي ٿي ويو ........................ 26
شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو فرمان ........................ 27
يارهين شريف بابت ڪجھ غلط فهمين جو ازالو ........................ 28
يارهين شريف ملهائڻ جون برڪتون ........................ 30
غوثِ اعظم جي مُريد لاءِ خوشخبري ........................ 30
هڪ مفيد مشورو ........................ 31
واٽس ايپ (WhatsApp) ذريعي مريد بڻجو ........................ 31

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# يارهين شريف جون برڪتون

**دُعاءِ عطار:** اي الله پاڪ! جيڪو بہ 28 هي رسالو ”يارهين شريف جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي يارهين شريف ملهائي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ نصيب فرماءِ، قيامت جي ڏينهن غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي غلامن ۾ اُٺار ۽ ماءُ پيءُ سميت جنتُ الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه: توهان تي مسجدن جي حاضري ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گهٽو درودِ پاڪ پڙهڻ لازمي آهي.
(الفتح الربانی و الفیض الرحمانی،ص23)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عرس غوثِ اعظم ۾ تشريف آوري

حضرت شاهہ وليُ الله محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه (جيڪي هڪ ڪامل ولي آهن) فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان ستل هئس، مون خواب ڏٺو، هڪ صحرا (ريگستان) آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو چبوترو آهي ۽ ڪيترائي اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم ان تي مراقبي جي حالت ۾ (يعني اکيون بند ڪري، الله پاڪ جي ياد

۾ گم) وينا آهن، ان حلقي جي وچ ۾ حضرت خواجه نقشبند رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ۽ حضرت خواجه جنيد بغدادي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه تشريف فرما آهن. مون کنهن کان پڇيو: هي سڀ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه م هتي ڇو گڏ ٿيا آهن؟ ٻڌايو ويو: مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت عليُ المرتضيٰ، شيرِخدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تشريف آڻي رهيا آهن، سڀ سندن استقبال لاءِ حاضر آهن. اجا ڪجهه دير ئي گذري هئي ته حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تشريف ڪٽي آيا، پاڻ سان گڏ هڪ ٻيو بزرگ به هو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان جو هٿ وڏي پيار سان پڪڙي رکيو هو. پڇڻ تي ٻڌايو ويو ته هي خيرُ التابعين (يعني تابعين ۾ بلند رتبو رکندڙ) عظيم عاشقِ رسول حضرت اويس قرني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه آهن.

حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پڇيو ته هي سڀ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن؟ ڪنهن ٻڌائيندڙ ٻڌايو: اڄ حضرت غوثُ الثقلين (شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه) جو عرس شريف آهي ۽ هي سڀ بزرگ ان تقريب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. (کلمات طيبات(فارسی)،ص77، 78) الله ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اي غوثِ اعظم جا عاشقو! سُبحانَ الله! ٻن جليل القدر بزرگن حضرت شاه ولی الله محدث دهلوی ۽ حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مَا اها گواهي ڏني ته يارهين شريف جي محفل ۾ شهنشاهِ ولايت حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ عظيم تابعي بزرگ حضرت

اويس قرني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ۽ ٻيا وڏا وڏا اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِم م ۾ بہ تشريف کڻي آيا. اسان کي بہ گهرجي تہ هر سال بلڪه هر مهيني يارهين شريف جو اهتمام ڪندا ڪريون.

ہم کو ”گیارہ“ کا ہے عدد پیارا، ان کی تاریخِ عُرس ہے گیارہ
یوں عدد ہم کو پیارا گیارہ ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## يارهين شريف جو مطلب؟

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! يارهين شريف جو مطلب آهي: سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ شيخ سيد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي ايصالِ ثواب ڪرڻ ۽ ايصالِ ثواب جو ثبوت قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ مبارڪ مان آهي، جيئن تہ سيپاري 28، سورة الحشر جي آيت نمبر 10 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا
وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: انهن کان پوءِ اچڻ وارا عرض ڪندا آهن: اي اسان جا رب! اسان کي ۽ اسان جي هنن پائرن کي بخشي ڇڏ جن اسان کان پهريان ايمان آندو. (سيپارو: 28، الحشر: 10)

هن آيت سڳوريءَ جي تفسير ۾ آهي: مهاجرين ۽ انصار کان پوءِ ايندڙ عرض ڪن ٿا: اي اسان جا رب! اسان کي ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بخشي ڇڏ جن اسان کان پهريان ايمان آندو. ياد رهي تہ مهاجرين ۽ انصارن کان پوءِ ايندڙن ۾ قيامت تائين پيدا ٿيندڙ سڀ

مسلمان شامل آهن (جيڪي پنهنجي لاءِ ۽ انهن لاءِ بخشش جي دعا ڪن ٿا ۽ ڪندا رهندا) ۽ انهن کان پهريان ايمان آڻيندڙن ۾ سڀ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم داخل آهن (جن جي لاءِ دعا ڪئي پئي وڃي ۽ ڪئي ويندي رهندي). (تفسير خازن،پ28،الحشر،تحت الآية:10، 249/4)

تفسيرِ سَمرقنديءَ ۾ آهي: مؤمنن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ ديني عُلوم جي استادن لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا ڪن.
(تفسيربحر العلوم للسمرقندی، پ28، الحشر، تحت الآية:10،345/3)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن مان بہ مسئلا معلوم ٿيا: هڪ هي تہ (انسان) صرف پنهنجي لاءِ دعا نہ ڪري، سلف (يعني گذريل بزرگانِ دين) لاءِ بہ ڪري. ٻيو هي تہ بزرگانِ دين رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِم خصوصاً صحابهءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار جا عرس، ختم، نياز ۽ فاتحہ اعليٰ شيون آهن، ڇو تہ انهن ۾ انهن بزرگن لاءِ دعا آهي. ( تفسير نور العرفان، پ28، الحشر ، تحت الآية: 10،ص 873)

## ”دستگير“ جي 6 حرفن جي نسبت سان ايصالِ ثواب بابت 6 مبارڪ حديثون

اي عاشقانِ اولياء! ايصالِ ثواب جي معنيٰ آهي: ”ثواب پهچائڻ“، ان کي ”ثواب بخشڻ“ بہ چيو ويندو آهي پر بزرگن جي لاءِ ”ثواب بخشڻ“ چوڻ مناسب نہ آهي، ”ثواب نذر ڪرڻ“ چوڻ اَدب جي وڌيڪ ويجهو آهي. فوت ٿي ويندڙن کي جيڪو نيڪ ڪمن جو ثواب موڪليو ويندو آهي اهو کين پهچندو آهي، جيئن تہ صحاح ستہ مان بخاري ۽ مسلم شريف جيڪي قرآن ڪريم کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ معتبر ڪتاب آهن، انهن ٻنهي ۾ هي حديث پاڪ موجود آهي تہ

(1) سيني مسلمانن جي امڙ حضرت بي بي عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: هڪ شخص بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: ”منهنجي والده اوچتو فوت ٿي وئي آهي، منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن هوءَ ڪا ڳالهه ڪري ها ته صدقي ڏيڻ جو چوي ها، جيڪڏهن مان سندس طرفان خيرات ڪريان ته ڇا ڪيس ثواب ملندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”ها.“ (بخاری،1/468، حديث:1388۔مسلم،ص390،حديث:2326)

(2) صحابيءِ رسول حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضورِ اڪرم صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم کان پڇيو: يا رسولَ الله! منهنجي والده وفات ڪري وئي آهي، ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”پاڻي“. تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کوهه کوٽايو ۽ فرمايو: هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْدٍ يعني هي (کوهه) سعد جي ماءُ لاءِ (صدقو) آهي. (ابو داؤد، 2/180، حديث : 1681)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بخاري، مسلم ۽ ابو داؤد شريف مان ثابت ٿيندڙ ڳالهيون

حضرت علامه مولانا مُفتي جلالُ الدّين احمد اَمجدي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ ارشاد فرمائن ٿا ته انهن ٻنهي مبارڪ حديثن مان اهي ڳالهيون معلوم ٿيون ته (1) ميت جي ايصالِ ثواب لاءِ پاڻي بهترين صدقو آهي جو کوهه وغيره کوٽائي ان جو ثواب ميت کي بخشيو وڃي. (2) ميت کي ڪنهن ڪارِ خير (يعني نيڪ ڪم) جو ثواب بخشڻ بهتر آهي. (3) ثواب بخشڻ جا لفظ زبان سان ادا ڪرڻ صحابي جي سنت آهي. (4) کاڌو يا ٻِني شيءِ وغيره سامهون رکي ايصالِ ثواب ڪرڻ جائز آهي، ڇو ته حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ويجهي اشاري جو لفظ استعمال ڪندي فرمايو ”هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْدٍ“ هي کوهه سعد جي ماءُ جي لاءِ آهي. يعني اي الله پاڪ! هن کوهه جي پاڻيءَ جو ثواب

منهنجي ماءُ کي عطا فرماءِ. هن مان معلوم ٿيو تہ ڪوهہ سندن سامهون هو. (جيڪي ڪاڏو سامهون رکي ايصالِ ثواب ڪرڻ کان روڪين ٿا انهن کي هن روايت مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي). (5) غريب ۽ مسڪين کي ڪاڏو وغيره ڏيڻ کان پهريان بہ ايصالِ ثواب ڪرڻ جائز آهي. جيئن صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڪيو تہ ڪوهہ تيار ٿيڻ سان ئي ايصالِ ثواب ڪيو جيتوڻيڪ ماڻهن جي پاڻي استعمال ڪرڻ کان پوءِ ثواب ملندو. ايئن ئي جيتوڻيڪ غريب ۽ مسڪين کي ڪاڏو ڏيڻ تي ثواب مرتب ٿيندو پر ان ثواب کي پهرين ئي بخشڻ بہ جائز آهي. (6) ڪنهن شيءِ تي ميت جو نالو اچڻ سان اها شيءِ حرام نہ ٿيندي، مثال طور غوثِ پاڪ جو ڇيلو ۽ غازي ميان جو ڪُڪڙُ وغيره، ڇوتہ هڪ جليلُ القدر صحابي ان ڪوهہ کي پنهنجي مرحومہ ماءُ جي نالي سان منسوب ڪيو هو جيڪو اڄ تائين ''بِئرِاُمِّ سَعْد'' (سعد جي ماءُ جو ڪوهہ) جي نالي سان مشهور آهي. (انوار الحديث،ص230)

## فوت ٿي ويندڙن کي ثواب پهچندو آهي

(3) خادمِ نبي حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ رسولُ اللّٰه صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم کي مون عرض ڪيو: اسان پنهنجي فوت ٿي ويندڙن لاءِ دعائون ۽ سندن طرفان صدقات و خيرات ۽ حج ڪندا آهيون، ڇا اهي شيون کين پهچنديون آهن؟ تہ رسولُ اللّٰه صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم فرمايو: بيشڪ اهي شيون کين پهچنديون آهن ۽ اهي ان سان ايئن خوش ٿيندا آهن جيئن توهان مان ڪو هڪ ٻئي جي تحفي سان خوش ٿيندو آهي.

(عمدة القارى، 305/6، تحت الحديث:1388)

(4) فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان مان ڪو نفلي صدقو ڪري تہ پنهنجي والدين جي طرفان ڪري، ائين ان (صدقي) جو ثواب انهن لاءِ هوندو ۽ هن (صدقو ڪندڙ) جي ثواب ۾ بہ ڪجهہ

ڪمي نہ ڪئي ويندي. (معجم اوسط ، 394/5،حديث:7726)

## پنهنجي مرحومين کي تحفا موڪليندا ڪريو

(5) حضرتِ انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا: مون حضور ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو: جڏهن ڪنهن گهر جي ماڻهن مان ڪو شخص فوت ٿي ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ ان گهر وارا (ثواب پهچائڻ لاءِ) پنهنجي فوت ٿي ويندڙ جي طرفان صدقو ڪندا آهن تہ حضرت جبريل اَمين عليہ السلام ان کي نور جي ٿال (Platter) ۾ تحفو بڻائي رکندا آهن، پوءِ قبر جي ڪناري بيهي فرمائيندا آهن: اي اونهي قبر وارا! هي تحفو آهي جيڪو تنهنجي گهر وارن تنهنجي طرف موڪليو آهي ان کي قبول ڪر. پوءِ اهو تحفو ان کي ڏنو ويندو آهي تہ هو تمام گهڻو خوش ٿيندو آهي ۽ پوءِ ان جا اهي پاڙيسري (مڙدا) غمگين ٿي ويندا آهن جن ڏانهن ڪو تحفو نہ موڪليو ويو هوندو آهي. (معجم اوسط ، 37/5،حديث:6504)

## ڪنهن چا تہ خوب چيو آهي:

جانے والوں سے رابطہ رکھنا
دوستو! رسمِ فاتحہ رکھنا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب
صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فرشتا ايصالِ ثواب ڪندا آهن

(6) فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: اللّٰہ پاڪ پنهنجي هر مؤمن ٻانهي تي ٻہ فرشتا مقرر فرمائيندو آهي جيڪي سندس عمل لکندا آهن. جڏهن اهو مؤمن ٻانهو هن دنيا مان هليو ويندو آهي تہ اهي عرض ڪندا آهن: اي رب! (اسان جو ڪم ختم ٿيو، هو شخص دارِ اعمال (يعني دنيا) مان نڪري ويو) اجازت ڏي تہ اسان آسمان تي اچون (۽ تنهنجي عبادت

ڪريون). الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: منهنجا آسمان عبادت ڪندڙن سان ڀريا پيا آهن. عرض ڪندا آهن: اِلاهي! اسان کي زمين ۾ جڳهه ڏي. ارشاد ٿيندو آهي: منهنجون زمينون عبادت ڪندڙن سان ڀريون پيون آهن. عرض ڪندا آهن: اِلاهي! پوءِ اسان ڪيڏانهن وڃون؟ ارشاد ٿيندو آهي: منهنجي ٻانهي جي قبر جي سيرانديءَ سان بيهي تسبيح ۽ تحميد ۽ تڪبير و تهليل ڪندا رهو ۽ ان کي قيامت تائين منهنجي ٻانهي لاءِ لکندا رهو. (شعب الايمان ، 184/7حديث:9931۔ملفوظات اعلیٰ حضرت،ص363)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صحابهءِ ڪرام ۽ ايصالِ ثواب ڪندا هئا

جنتي نوجوانن جا سردار حسنين ڪريمين حضرت امام حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا پنهنجي والدِ محترم حضرت عليُ المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت کان پوءِ سندن طرفان (يعني کين ثواب پهچائڻ لاءِ) غلام آزاد ڪندا هئا. (مصنف ابن ابی شيبہ، 485/7، حديث:12214)

اڄ کان تقريباً پنج سؤ سال اڳ جا عظيم بزرگ، حضرت علامہ امام جلال الدين سُيوطي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ لکن ٿا: صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ميت جي طرفان (يعني سندن ايصالِ ثواب لاءِ) ستن ڏينهن تائين کاڌو کارائيندا هئا. ( الحاوی للفتاویٰ، 178/2)

## صحابيءِ نبي خود ايصالِ ثواب ڪرڻ جو حڪم ڏنو (واقعو)

حضرت صالح بن دِرهم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: اسان حج ڪرڻ پئي وياسين تہ هڪ صاحب (يعني حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) مليا ۽ پڇڻ

لڳا: ڇا توهان جي ويجهو ڪو ڳوٺ آهي جنهن کي ”اُبلّة“ چيو ويندو آهي؟ اسان چيو: جي ها. (اهو ٻڌي) پاڻ فرمايائون: توهان مان ڪير هن ڳالهه جي ضمانت ڏئي ٿو تہ (ان ڳوٺ ۾ موجود) مسجدِ عشار ۾ منهنجي لاءِ بہ يا چار رڪعتون نماز پڙهي ڇڏي ۽ چئي ڇڏي تہ ”هٰذِهٖ لِاَبِيْ هُرَيْرَةَ“ يعني هي (نماز) ابو هريره لاءِ آهي. (ابو داؤد،4 /153، حديث:4308)

الله ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ مبارڪ هنڌن تي عبادت ڪرڻ، نماز پڙهڻ وڏيڪ ثواب جو باعث آهي ۽ بدني عبادتن جو ثواب ٻئي کي ڏيڻ بہ جائز آهي ۽ اڪثر علماءِ ڪرام جي اها ئي راءِ آهي، رهيو معاملو مالي عبادتن جو (يعني صدقو خيرات ڪرڻ جو) تہ اتي ثواب بخشڻ بالاتفاق جائز آهي.“ (اشعة اللمعات(اردو)،425/6)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: ڪا نيڪي ڪري ڪنهن ٻئي کي هن طرح ثواب بخشڻ تہ اي الله پاڪ ان جو ثواب فلاڻي کي ملي، بلڪل جائز (بلڪ) سنتِ صحابہ آهي، تنهنڪري فاتحہ مروجہ (يعني جيڪو معاشري ۾ ايصالِ ثواب ڪرڻ جو طريقو رائج آهي) ختم شريف وغيره بلڪل درست آهي، ڏسو حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ثواب بخشڻ جا لفظ ٻڌائي رهيا آهن. ڇوٿون هي تہ پاڻ ڪان وڏي کي ثواب موڪلڻ جائز آهي جيتوڻيڪ هو کهڙي بہ شان جو

مالڪ هجي، ڏسو جناب ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابي آهن ۽ تابعين ڪي پنهنجي لاءِ ايصالِ ثواب جو حڪم ڏئي رهيا آهن. (مرأة المناجيح،250/7 بتغيرٍ)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ کي يارهين وارو پير چو چئبو آهي...؟

چيا توهان ڄاڻو ٿا ته حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي فاتحه ڏيارڻ (يعني اسلامي مهيني جي يارهين تاريخ تي ايصالِ ثواب ڪرڻ) کي يارهين شريف چو چئبو آهي؟ اصل ۾ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ٻارهين رات جي نسبت سان يارهين جي ڏينهن وڏي شان سان الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ايصالِ ثواب لاءِ ڪاڏو پچائي غريبن ۽ مسڪينن کي کارائيندا هئا ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو اهو معمول شريف سڄي زندگي رهيو. پاڻ پنهنجي متعلقين کي به ان کي جاري رکڻ جي وصيت فرمائي، ان ئي نسبت سان پاڻ "يارهين وارا پير" جي نالي سان مشهور ٿيا.

(تاريخِ مَشائخ قادريه،177/1۔سوانح غوثِ اعظم،ص19)

## "ٻارهين" واري آقا جو فيضان آهي "يارهين شريف"

يارهين شريف جو هڪ ٻيو ايمان تازو ڪندڙ سبب اهو به لکيو ويو آهي ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ٻارهين شريف (يعني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ميلاد شريف) تمام پابنديءَ سان ڪندا هئا. هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي فرمايو: عبدالقادر! تو اسان کي ٻارهين سان ياد ڪيو، اسان توکي يارهين ڏيون ٿا.

هي ايماني واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: چو ته هي سرڪاري عطيو (يعني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طرفان ملندڙ تحفو) آهي، ان ڪري (هي تحفو يعني يارهين شريف جي ذريعي غوثِ پاڪ کي ايصالِ ثواب ڪرڻ جو سلسلو) سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو. اَلْحَمْدُ لله! صديون گذرڻ کان پوءِ به اڃا تائين غلامانِ غوثِ اعظم ربيعُ الآخر ۾ خصوصاً ۽ ان کان علاوه هر اسلامي مهيني جي 11 تاريخ تي وڏي ذوق ۽ شوق سان "يارهين شريف" جو اهتمام ڪندا آهن. (جاء الحق،ص220 ۔برکاتِ گیارہویں،ص20)

کیا غور جب گیارہویں بارہویں میں
معمّا یہ ہم پر کھلا غوثِ اعظم

تمہیں وَصل بے فَصل ہے شاہِ دِیں سے
دیا حق نے یہ مرتبہ غوثِ اعظم

(ذوقِ نعت،ص181)

اي غوثِ اعظم جا عاشقو! اسان جي پياري پياري پيرومرشد حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪاڻو ڪارائڻ پسند هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون سيني نيڪ ڪمن بابت غور ڪيو ته ڪاڻو ڪارائڻ ۽ سٺي اخلاق کان افضل ۽ بهتر ڪنهن کي به نه لڌو. ( قلائد الجواہر(اردو)، ص154)

## خليفهءِ اعليٰ حضرت مولانا جميلُ الرحمٰن لکن ٿا:

تیرے جَد کی ہے بارہویں غوثِ اعظم
ملی ہے تجھے گیارہویں غوثِ اعظم

(قبالۂ بخشش،ص166)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب
صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فاتحہ ۾ نياز وارو کاڌو بابرڪت ٿي ويندو آهي

حضرت شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن بزرگ جي روحِ پاڪ کي ايصالِ ثواب ڪرڻ لاءِ کُٽي (ماني جا ننڍا ننڍا ٽڪر جيڪي کنڊ ۾ گيهہ ۾ ملائي حلوو ٺاهيندا آهن)، کير ۾ چانور پچائي فاتحہ پڙهي وِجي تہ ڪو حرج ناهي، جائز آهي. (فتاویٰ عزيزی،ص39) هڪ ٻئي هنڌ فرمائن ٿا: جنهن کاڌي جو ثواب حضرت امامين (يعني حضرت امام حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا) کي پهچايو وڃي ۽ ان تي سورةُ الفاتحہ، سورةُ الاخلاص ۽ درود شريف پڙهيو وڃي اهو کاڌو تبرڪ (يعني برڪت وارو) ٿي ويندو آهي، ان جو کائڻ تمام بهتر آهي. (فتاوٰی عزيزی،ص71)

## کاڌي تي تلاوت جي برڪت

سلسلہ سهرورديہ جا باني، حضرت شهاب الدين ابو حفص عمر بن محمد سهروردي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو معمول هو تہ کاڌو کائڻ کان پهريان هو قرآنِ ڪريم جي ڪنهن سورت جي تلاوت شروع ڪندا هئا جيڪا کين ان وقت ياد هوندي هئي ايتري تائين جو (ان تلاوت جي برڪت سان) کاڌي جا جزا ذڪر جي نور سان پرجي ويندا هئا. (عوارف المعارف،ص202)

اللّٰه ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم، احاديثِ مبارڪ ۽ صحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي عمل مان اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ پنهنجي فوت

تي ويندڙن لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ ۽ ڪا نيڪي ڪري ان جو ثواب ڪين موڪلڻ جائز آهي. قرآن، تفسيرن، حديثن ۽ عالمن جي ارشادن فوت تي ويندڙن (مرحومن) لاءِ ايصالِ ثواب جي ڪيترن ئي طريقن کي بلڪل صاف طور تي واضح ڪري ڇڏيو آهي.

ياد رکو! عبادت صرف ۽ صرف الله پاڪ جي ئي ڪئي ويندي آهي ۽ ان عبادت تي الله پاڪ جي رحمت سان ملندڙ ثواب الله جي بارگاھ ۾ دعا ڪري پنهنجي مرحومين کي پهچائڻ جو عرض ڪيو ويندو آهي. ان ڪري اهو چوڻ ته **”فوت تي ويندڙن کي ثواب نه ٿو پهچي“**، اها ڳالهه قرآن، صحيح حديثن، صحابهءِ ڪرام ۽ 1400 سالن کان جاري امتِ مسلمه جي طريقي جي بلڪل خلاف آهي. ها، اها ڳالهه ضرور آهي ته ايصالِ ثواب ڪرڻ ۾ ڪو ناجائز يا شريعت جي خلاف ڪم شامل نه هئڻ گهرجي، جيئن اُجرت تي قرآن پڙهائڻ جو ان سان ثواب ئي ملندو ابتو اهو ڪم ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو.

## ايصالِ ثواب کان روڪڻ شيطاني ڪم آهي.

اي عاشقانِ اولياء! ڀانهو پنهنجي ڪنهن به نيڪ ڪم جو ثواب ”ايصال“ ڪري سگهي ٿو ۽ الله جي رحمت سان اهو ثواب جنهن زنده يا فوت ٿي ويندڙ کي موڪليو وڃي، ڪيس پهچندو آهي. جڏهن ثواب پهچائڻ واري ذات الله پاڪ جي آهي ته پوءِ ثواب پهچڻ ۾ ڪهڙي مشڪل آهي؟ ياد رکو! بزرگانِ دين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه م جي عرسن تي جيڪو فاتحه وغيره جو سلسلو ڪيو ويندو آهي اهو تمام سٺو ۽ ثواب جو ڪم آهي ۽ ان ۾ حصو وٺڻ به ثواب آهي. ائين ئي پنهنجي

ڪنهن مرحوم جي ورسي (يعني سالياني فاتحہ) ۾ ختم شريف يا ايصالِ ثواب ڪرڻ ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي. جيڪي نادان هن ڪم کي ناجائز يا گناهه چون ٿا انهن کي گهرجي تہ ان ڪان توبہ ڪن ۽ جيڪي مسلمان هن نيڪ ڪم ۾ شامل ٿين ٿا انهن کي هرگز هرگز نہ روڪين ڇو تہ نيڪيءَ کان روڪڻ شيطان جو ڪم آهي. بزرگن جي فاتحہ ۾ تلاوتِ قرآنِ ڪريم، نعت خواني، ذڪر و اذڪار ۽ ڪاڌو ڪارائڻ هوندو آهي ۽ حديثن ۾ انهن سڀني ڪمن جا وڏا فضائل آيا آهن، هاڻي ڪاڌو سامهون رکي هي ڪم ڪرڻ سان ڪهڙي خرابي لازم ٿي اچي؟ يقينن ائين ڪجهہ ناهي ۽ انهن نيڪ ڪمن کان روڪيندڙ انسان سٺو ناهي. جيڪڏهن قرآن جي آيتن ۽ حديثن کي ٻڌڻ کان پوءِ بہ ڪنهن کي ايصالِ ثواب سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پوءِ ڪيس پنهنجي سمجهہ جو علاج ڪرائڻ گهرجي. هونئن بہ عوام ۾ هڪ جملو مشهور آهي "مري ويو مردود، نہ ختمو نہ درود". تنهنڪري يارهين ملهائڻ، فاتحہ ڪرڻ، ختمِ قرآن، لنگر، سبيل لڳائڻ (يعني پاڻي پيارڻ)، صدقو، غلام آزاد ڪرڻ، حج ۽ ٻيا نيڪ اعمال ان نيت سان ڪرڻ تہ انهن جو ثواب حضرت غوثِ اعظم شيخ سيد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يا ٻين مسلمانن کي پهچي نہ رڳو جائز پر مسلمانن جي پاڻ ۾ محبتن ۽ فائدو پهچائڻ جو هڪ مبارڪ ذريعو آهي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي مرحومين لاءِ دعا، صدقي ۽ ايصالِ ثواب جو خوب اهتمام ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

## يارهين شريف بابت بزرگن جا ارشادَ

اي غوثِ اعظم جا عاشقو! سيدي و مرشدي حضرت سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي يارهين ملهائڻ جو رواج صرف پاڪستان ۾ ناهي پر سڄي دنيا ۾ صدين کان بزرگانِ دين رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِم ۽ انهن جا چاهيندڙ هن مبارڪ تقريب جو اهتمام ڪندا اچن پيا، جيئن ته

(1) تقريباً ساڍا چار سؤ سال اڳ جا بزرگ حضرت شيخ امانُ الله پاني پتي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو تذڪرو ڪندي شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: شيخ امانُ الله پاني پتي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه يارهين ربيع الآخر شريف تي حضرت غوثُ الثقلين حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو عرس مبارڪ ڪيائون ۽ جيڪو ڪاڏو پاڻ پچايو هئائون، ان ئي ڏينهن اهو سڀ ورهائي ڇڏيائون. ( اخبار الاخيار ، ص242)

رکھتا ہے جو غوثِ اعظم سے نیاز ہوتا ہے خوش اُس سے مولیٰ بے نیاز
(قبالۂ بخشش،ص142)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تقريباً 400 سال پهريان يارهين ملهائيندڙ بزرگ

(2) تقريباً 400 سال پهريان هند ۾ علمِ حديث عام ڪندڙ عظيم محدث حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ اسان جي ملڪ (يعني هند) ۾ اڄ ڪلهه (شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي) يارهين تاريخ مشهور آهي ۽ اها ئي تاريخ سندن هندي اولاد ۽ بزرگن ۾ متعارف آهي. (ماثبت من السنة(اردو)،ص319) شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي استادِ محترم ۽ پنهنجي وقت جي ڪامل

ولي حضرت امام عبدالوهاب متقي مكي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ يارهين جي فاتحہ ڏياريندا هئا ۽ سندن بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ. (سیرتِ غوثُ الثقلین،ص221)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بغداد شريف ۾ مزارِ غوثِ پاڪ تي وقت جي بادشاه جي حاضري

(3) تقريباً ہہ سؤ سال اڳ جا تمام وڏا بزرگ ۽ پاڪ و هند جي وڏن عالمن جا استاد حضرت شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سرڪاري طور تي (يعني گورنمنٽ جي تحت) يارهين ملهائڻ جو ثبوت پيش ڪندي فرمائن ٿا تہ: هر يارهين شريف تي بادشاهہ ۽ شهر جا وڏا ماڻهو حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ تي گڏ ٿيندا آهن. عصر جي نماز کان پوءِ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ٿيندي آهي، مغرب جي نماز تائين حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي منقبت ۽ سيرت بيان ٿيندي آهي، مغرب جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مزار مبارڪ جا سجاده نشين تشريف کڻي ايندا آهن ۽ سندن چوڌاري مريد حلقو ٺائي بلند آواز سان ذِڪرُ اللّٰه ڪندا آهن. هن وجداني موقعي تي ڪجهہ حاضرين تي وجد واري ڪيفيت بہ طاري ٿيندي آهي. انهن نيڪ ڪمن کان پوءِ تيار ٿيل کاڌو، مٺائي ۽ نياز ورهايو ويندو آهي. عشا جي نماز پڙهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. (ملفوظاتِ عزیزی، ص62ملخصاً) اللّٰه ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 500 سال اڳ جي عالم جو ارشاد

(4) تقريباً پنج سؤ سال اڳ جا مفسرِ قرآن ڪامل ولي حضرت علامہ مُلّا جِيوَن رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ (جيڪي اورنگزيب عالمگير رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جا استاد بہ آهن، انهن) جا صاحبزاده حضرت علامہ فيض عالم بن مُلا جِيون رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: ۽ اهڙي ئي قسم (يعني ايصالِ ثواب) مان يارهين شريف جو ڪاڌو مراد آهي جيڪو حضرت غوثُ الثقلين ابو محمد شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جو عرس مبارڪ آهي. ٻين بزرگن جو عرس سال ڪان بعد ٿيندو آهي پر غوثِ پاڪ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جو عرس پاڪ هر مهيني ٿيندو آهي.(گیارہویں اولیاء و علماء کی نظر میں،ص13)

(5) حاجي امدادُ الله مهاجر مڪي رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ يارهين شريف ۽ بزرگانِ دين رَحمَۃُاللہِ عَلَیہِم جي عرس مبارڪ بابت فرمائن ٿا تہ: ثواب پهچائڻ جي جيڪا شڪل هن زماني ۾ رائج آهي، اها ڪنهن هڪ قوم سان خاص ناهي. حضرت غوثِ پاڪ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جي يارهين، ٽيجهو (يعني قل شريف)، ڏهون، ويهون، چاليهو، ڇهہ ماهي، ورسي وغيره ۽ توشو[1] حضرت شيخ احمد عبدالحق رَدُوَلَوِي رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ ۽ ٽي مَٽي حضرت شاهہ بوعلي قلندر رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ (يعني پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جي ايصالِ ثواب لاءِ ٽي مڻ اناج جي نياز)، شبِ برات جو حلوو ۽ ايصالِ ثواب جا ٻيا طريقا هن ئي قاعدي تي مبني آهن (يعني هي سڀ شيون اصول طور منع نہ آهن). (فیصلہ ہفت مسئلہ،ص22،23۔گیارہویں اولیاء و علماء کی نظر میں،ص15)

---

1. جيڪو ڪاڌو يا مِٺي شيءِ وغيره ڪنهن ولي يا بزرگ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو وڃي..

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! ڏنو توھان! بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم ۽ صالحين (يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) جو يارھين شريف جي موقعي تي تلاوتِ قرآنِ ڪريم، ذڪرُ الله ۽ ڪاڏو ڪارائڻ جو معمول سالن کان جاري ۽ ساري آھي. مسلمان تہ مسلمان، جيڪڏھن ڪو غير مسلم بہ جيڪو اسلامي عبادتن جي ڄاڻ سڃاڻ رکندو هجي، اھو بہ انهن ڪمن کي شريعت جي خلاف نہ چوندو، پر اھو بہ اھو ئي چوندو تہ دينِ اسلام ۾ ھي ڪم عبادت آھن. مٿي ذڪر ڪيل بزرگانِ دين ۽ عالمن رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي بيان ڪيل قولن ۽ انداز مان معلوم ٿيو تہ يارھين شريف ھن دور جي ايجاد ناھي پر صدين کان جاري ۽ ساري آھي. بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم ۽ عالمن نہ رڳو پاڻ يارھين شريف جو اھتمام ڪيو پر پنهنجي مريدن ۽ متعلقين کي بہ هميشہ ھن نيڪ ڪم کي ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي.

## يارھين شريف جو شرعي حڪم

امامِ اھلِ سنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عبارت کي سادي انداز ۾ پيش ڪجي ٿو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: يارھين شريف مستحب (يعني پسنديده ڪم آھي، جيڪڏھن ڪجي تہ ثواب آھي نہ ڪجي تہ گناھ نہ) آھي ۽ ايصالِ ثواب ڪرڻ جي اعتبار کان سنتِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي، سنتِ قوليه مستحبه آھي (يعني پياري آقا صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم جا ايصالِ ثواب ڪرڻ بابت فرمان موجود آھن)
(فتاوٰی رضويہ،605/9 ملخصاً)

## يارھين شريف وڏي برڪت واري آھي

حضرت مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهن کي (يعني اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم کي) ايصالِ ثواب نهايت برڪت وارو ۽ مستحب ڪم آھي، ان کي ادب وچان عوام ۾ ”نذر و

نياز“ چيو ويندو آهي، هي نذرِ شرعي (يعني شرعي باس) ناهي، جيئن بادشاهه کي نذر (تحفو) ڏيڻ، انهن ۾ خصوصاً ”يارهين شريف“ جي فاتحه نهايت عظيم برڪت واري شيءِ آهي.“ (بہارِ شریعت،276/1،حصہ:1بتسہیل)

سلطانِ اولیا کو ہمارا اسلام ہو
جِیلاں کے پیشوا کو ہمارا اسلام ہو

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا ته: هن مهيني (يعني ربيع الآخر) ۾ هر مسلمان پنهنجي گهر ۾ حضور غوثِ پاڪ سرڪارِ بغداد رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي فاتحه ڪري، سڄو سال تمام گهڻي برڪت رهندي. جيڪڏهن هر چنڊ جي يارهين رات جو يعني ڏهين ۽ يارهين جي وچ واري رات جو مقرر ڪيل پيسن جي مِٺائي مسلمان جي دڪان تان خريد ڪري پابندي سان يارهين جي فاتحه ڏئي ته رزق ۾ وڏي برڪت ٿيندي ۽ اِنۡ شَآءَاللهُ الۡكَرِيۡم! ڪڏهن به پريشان حال نه ٿيندو. مان پاڻ ان جو سخت پابند آهيان ۽ الله جي فضل سان ان جون بي شمار خوبيون ماڻيندو آهيان. وَالۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَلٰى ذٰلِكَ.
(اسلامی زندگی ، ص133 ملتقطاً)

## آفتن ۽ بلائن کان حفاظت جو نسخو

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب ”مشڪوٰة شريف“ جي هن حديث ”صدقي ۾ جلدي ڪريو ڇو ته بلا ان کان اڳتي ناهي وڌندي. (مشكاة المصابيح،359/1،حديث:1887) “ جي اردو شرح ”مراة المناجيح“ ۾ حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: ڪجهه ماڻهو آفت ايندي ئي ميلاد شريف، يارهين شريف، ختمِ خواجگان، ختمِ غوثيه، ختمِ بخاري، ختمِ آيتِ ڪريمه ڪرائيندا آهن، انهن جو ماخذ اها ئي حديث آهي ته انهن ڪمن ۾ الله جو ذڪر، ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعت وغيره به آهي

۽ صدقو بہ، ذڪرُ الله بہ دافع بلا (يعني بلائون ٽاريندڙ) آهي ۽ صدقو بہ. وڏيڪ فرمائن ٿا: (جڏهن تہ) ڪجهہ ماڻهو هميشہ ميلاد، يارهين، هر مهيني ختمِ خواجگان وغيره ڪرائيندا رهندا آهن تہ جيئن آفتون دور رهن، انهن جو دليل بہ اها ئي حديث آهي. (مراۃ المناجیح،91/3)

اي عاشقانِ اولياء! يارهين شريف جهڙو عظيم الشان ثواب وارو ڪم ثابت هجڻ باوجود جيڪڏهن ڪو نادان ان بابرڪت ۽ الله پاڪ جي رحمتن واري محفلِ غوثيہ (يارهين شريف) کان مسلمانن کي روڪي يا ان بابت ماڻهن جي دلين ۾ غلط فهميون پيدا ڪري، تہ ان کي سوچڻ گهرجي تہ هو انهن اولياء جي عاشقن کي ڪيڏي وڏي ثواب واري ڪم کان روڪي رهيو آهي، جڏهن تہ دنيا ۾ ماڻهن جو وڏو انگ گناهن ۽ اجاين ڪمن ۾ لڳل آهي. ٺيڪ تہ ايئن گهرجي ها تہ ڪين نيڪي جي دعوت ڏئي سنت جي راهہ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها، نہ ڪي اولياء جي عاشقن کي هن ثواب واري ڪم کان روڪي سندن دلين ۾ شڪ شبهو وجهي بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها. اهڙن نادان ماڻهن کي ڊڄي وڃڻ گهرجي تہ سيپارو 25، سورة الزخرف جي آيت نمبر 36 ۽ 37 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ یَّعۡشُ عَنۡ ذِکۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَیِّضۡ لَہٗ شَیۡطٰنًا فَہُوَ لَہٗ قَرِیۡنٌ ﴿۳۶﴾

وَ اِنَّہُمۡ لَیَصُدُّوۡنَہُمۡ عَنِ السَّبِیۡلِ وَ یَحۡسَبُوۡنَ اَنَّہُمۡ مُّہۡتَدُوۡنَ ﴿۳۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن ڦيري تہ اسان ان تي هڪ شيطان مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ اهو ان جو ساٿي رهندو آهي ۽ بيشڪ اهي شيطان انهن کي رستي کان روڪين ٿا ۽ اهي اهو سمجهندا رهن ٿا تہ اهي هدايت ماڻيل آهن.

اي عاشقانِ رسول! رضاءِ الاهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ 12 ربيع الاول تي بي بي آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جي لال، رسولِ بي مثال صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي دنيا ۾ اچڻ جي خوشي ۾ گهر سجائڻ ۽ ميلاد ملهائڻ واري کي روڪڻ وارو ۽ يارهين شريف ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي فاتحہ ۽ نياز جنهن ۾ تلاوت، نعت ۽ ذڪرُ الله وغيره هوندو آهي، ان کان روڪيندڙ هن قرآن جي حڪم:

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڀلائي کان گهڻو روڪيندڙ، حد کان وڌندڙ، وڏو گناهگار. (سيپارو: 29، القلم: 12)

۾ داخل آهي. يقينن يارهين شريف ۾ ٿيندڙ نيڪ ڪم جهڙوڪ تلاوت ۽ نعت، الله جي ذڪر جي اعليٰ قِسمن مان آهن ۽ انهن نيڪ ڪمن کان روڪڻ گناهہ جو ڪم آهي.

## ”غوث“ جي ٽن حرفن جي نسبت سان يارهين شريف جا ٽي واقعا

### (1) اعليٰ حضرت ۽ يارهين جو تبرڪ (واقعو)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت شاهه احمد رضا خان رحمةُ اللّٰهِ عليہ جي باري ۾ هڪ صاحب فرمائين ٿا تہ سندن مجلس ۾ يارهين شريف جو لنگر تقسيم ٿيو، پوءِ جيئن ونڊڻ سان مٺائي وغيره بي احتياطيءَ سان هيٺ ڪري پوندي آهي، اسان ڏٺو تہ اعليٰ حضرت رحمةُ اللّٰهِ عليہ پلنگ تان هيٺ لهي رهيا آهن ۽ نهايت ئي ادب ۽ خشوع و خضوع سان زمين تي سر جهڪائي رهيا آهن، اسان حيران ٿي وياسين تہ هي

چا ماجرا آهي! غور سان ڏنوسين تہ پاڻ هيٺ ڪريل مناريءَ کي وات ۾ وجهي رهيا آهن، اسان عرض ڪيو تہ اوهان اسان کي حڪم فرمايو ها تہ اسان ڪٽي ونون ها، پاڻ رحمۃُاللّٰہِعلیہ جن فرمايو: حضور غوثِ اعظم رحمۃُاللّٰہِعلیہ جي تبرڪ جي منارئيءَ جي ادب جي خلاف هو تہ ان کي بي پرواهيءَ سان حاصل ڪيان. (برکات گیارھویں،ص 37تا 38بتغیرِ قلیل) اللّٰہ ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

اي عاشقانِ اولياء! سُبْحٰنَ اللّٰہ! جنهن شيءِ کي نيڪن سان نسبت ٿي وڃي اها شيءِ بابرڪت ٿي ويندي آهي تہ پوءِ ان شيءِ جو چو نہ احترام ڪيو وڃي، "فتاويٰ رضويہ شريف" ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ: "نياز (يعني فاتحہ) اهڙي کاڌي تي هئڻ بهتر آهي جنهن جو کو حصو اڇلايو نہ وڃي. (فتاویٰ رضویہ ، 9/ 612) بلڪ هر حصو ئي کائي ورتو وڃي." تنهنڪري! اسان کي بہ گهرجي تہ نياز ۽ فاتحہ ڏياريل غذا کي ضايع ٿيڻ نہ ڏيون، ان جو وڏ ڪان وڏ ادب ڪيون ڇو تہ "باادب با نصيب ۽ بي ادب بي نصيب.

## خاندانِ اعليٰ حضرت ۾ يارهين شريف جو طريقو

اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: فاتحہ ايصالِ ثواب جو نالو آهي، جيڪو ڪجهہ قرآن مجيد ۽ درود شريف مان ٿي سگهي پڙهي ثواب نذر ڪري ۽ اسان جي خاندان جو معمول هي آهي تہ ست ڀيرا درودِ غوثيہ، پوءِ هڪ هڪ ڀيرو الحمد شريف ۽ آيت الڪرسي، پوءِ ست ڀيرا سورة اخلاص، پوءِ ٽي ڀيرا درودِ غوثيہ. درودِ غوثيہ هي آهي: اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ مَّعْدَنِ الْجُوْدِ وَ الْکَرَمِ وَ اٰلِہٖ وَ بَارِکْ وَسَلِّمْ ۔ ۽ فقير ايترو

وڏيڪ پڙهندو آهي: وَعَلٰى اٰلِهِ الْكِرَامِ وَ اِبْنِهِ الْكَرِيْمِ وَ اُمَّتِهِ الْكَرِيْمَةِ وَ بَارِكْ وَسَلِّمْ -(فتاویٰ رضويہ،748/23)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اميرِ اهلِ سنت جو مبارڪ انداز

الحمدلله! عاشقِ غوثِ اعظم، اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليہ حضرتِ شيخ عبد القادر جيلاني رحمة الله عليہ جا مريد بہ آهن ۽ ڪين ڪيترن ئي سلسلن سان غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مريد بڻائڻ جي اجازت بہ آهي. سندن سالن کان معمول آهي تہ هر اسلامي مهيني جي 11 تاريخ تي يارهين شريف جو اهتمام ڪندا آهن. پاڻ فرمائن ٿا: گهرن ۾ هر مهيني يارهين جو اهتمام ڪرڻ گهرجي. هر مهيني نياز ۾ ڪو سنو ڪاڏو پچايو وڃي، جيئن تہ هر گهر ۾ بهترين ڪاڏو پچندو ئي هوندو، پر يارهين شريف جي فاتحہ جي لاءِ هڪ ڏينهن خاص ڪري ڪاڏو پچايو وڃي تہ جيئن سيني ٻارن کي بہ خبر پوي تہ اڄ غوثِ پاڪ جي نياز آهي، پوءِ ٻار بہ هر مهيني نياز لاءِ والده کان مطالبو ڪندا رهندا ۽ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي محبت ٻارن جي دل ۽ دماغ ۾ ويهي ويندي. (مدنی مذاکره :8ربيع الآخر1440ہجری ، 15 دسمبر 2018)

## يارهين شريف جون برڪتون

اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العاليه جن ارشاد فرمائن ٿا: ٿي سگهي تہ هر روز پنهنجي روزاني وڪري (Sale) جو چوٿون سيڪڙو (يعني چار سؤ رپين تي هڪ رپيو) ۽ ملازمت وارا پگهار جو ماهوار گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نياز لاءِ ڪڍندا ڪريو، ايصالِ ثواب جي نيت سان هن رقم مان ديني ڪتاب ورهايو

يا ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون پاڻ ڏسي وٺندا. (فاتحہ اور ايصالِ ثواب کا طريقہ ، ص17)

اے جمیلِ قادری ہُشیار باش
عمر بھر چھوٹے نہ یہ تجھ سے نیاز

(قبالہ ٔ بخشش، ص 143)

## (2) يارھين شريف جو عاشق (واقعو)

تاجدارِ گولڙھ حضرت پير مهر علي شاھ صاحب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي طالبِ علميءَ جي زماني ۾ هڪ بزرگ ”شڪرڪوٽ“ جي مقام تي رهندا هئا. انهن جو نالو بابا نور اِلاهي مشهور هو ۽ اهي قادري نسبت رکندا هئا. پاڻ هر يارهين تي هڪ ٻڪري يا دنبو جيڪو پنهنجي هٿ سان پاليل هوندو هو، حضرت سيدنا عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي فاتحہ (يعني يارھين شريف) لاءِ ذبح ڪندا هئا ۽ گڏوگڏ حلوو ۽ ماني پچائي غريبن کي کارائيندا هئا. خاص طور تي ولين جي خادم (يعني مون کي) وڏي اصرار ۽ اهتمام سان دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو فرمائيندا هئا. هڪ ڏينهن مان شڪرڪوٽ کان اَنگه (جتي پڙهندو هيس اوڏانهن) وڃي رهيو هيس. رستي ۾ پري کان مون ڏٺو تہ اهي ئي اڇي ڏاڙهي وارا بزرگ ٻڪرو چاري رهيا هئا ۽ محبت ۽ شوق جي عالم ۾ ان سان کيڏي رهيا هئا. ڪڏهن ڪلهي تي کڻن پيا تہ ڪڏهن زمين تي رکن پيا، مون ويجهو وڃي ٻڌو تہ چئي رهيا هئا ”منهنجي محبوب جا ٻڪرا“ ان وقت منهنجي دل ۾ خيال اچي رهيو هو تہ علمِ دين حاصل ڪرڻ کان بعد اڪيلائي ۾ ويهي ڪتابن جي مطالعي ۾ مشغول رهندُس ۽ تدريس وغيره نہ ڪندُس جڏهن رستي تان هٽي ڪري انهن سان ملڻ جي لاءِ متوجهہ ٿيس تہ مون کي

ڏسندي ئي فرمائڻ لڳا: ”علم حاصل ڪري تدريس ڪريو.“ هيءَ ڳالهه چئي ورري انهيءَ ٻڪري سان گفتگو ۾ مشغول ٿي ويا. اهي بزرگ يارهين شريف جو وڏو اهتمام ڪندا هئا ۽ حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُاللهِ عَلَيه سان سندن روحاني رابطو هو. (اعلاء كلمة الله فى بيان وما اهل به لغير الله،ص32 ملخصاً) الله ربُ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) مفتيِ اعظم هند ۽ يارهين شريف (واقعو)

هڪ غريب ماڻهو حضور مفتيءِ اعظم هند، مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحمَۃُاللهِ عَلَيه جي پنهنجي گهر دعوت ڪئي. جڏهن حضرت اتي پهتا تہ ان غريب بہ پياليون چانهہ جون پيش ڪيون. حضرت چانهہ پيتي ۽ پوءِ ان غريب جي گهر ۾ پَچيل چانورن جي ديڳڙي تي حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحمَۃُاللهِ عَلَيه جي فاتحہ ڏني. فاتحہ ڏيڻ ڪان پوءِ حضرت تاڪيد فرمايو تہ هن ديڳڙي تي پردو وڌو وڃي ۽ ان ۾ جهاتي پائي نہ ڏنو وڃي، بس اندران ڪڍي ڪري سيني کي ڏيندا وڃو. حضرت اتي موجود سيني حاضرين کي ڪاڏو کائڻ جو حڪم ڏنو. ان وقت اتي تمام گهڻا ماڻهو هئا، حضرت فرمايو ته پنج پنج ماڻهو ٿي ڪري ڪاڏو کائو. جيئن ته هڪ وڏي ٿانوَ (يعني پيتل يا ٽامي وغيره جي هڪ وڏي ٿانوَ) ۾ پنجن ماڻهن جو ڪاڏو ڪڍيو ويو ۽ ماڻهو کائڻ لڳا. اهو ديڳڙو جنهن ۾ ٿورو ڪاڏو هو، ان مان پنج پنج ٿي ڪري ماڻهو کائيندا رهيا ۽ سير ٿيندا ويا، ايتري تائين جو ڳوٺ جي تمام ماڻهن ڪاڏو کائي ورتو. ان ڪان بعد حضرت فرمايو ته وجو ڏسو، پاڙي ۾ ڪو غريب عورت يا مرد هجي ته ان کي به ڪاڏو ڏيو. جيئن ته ڳوٺ

جي ڪيئي عورتن ۽ مردن کي به اهو ڪاڌو ڪارايو ويو، پر ان ديڳڙي جو ڪاڌو ختم نه ٿيو. جڏهن سڀ ماڻهو فارغ ٿي ويا ۽ ديڳڙي تان پردو هٽايو ويو ته اجا تائين ايترو ئي پريل هو جيترو پهريان هو. اتي موجود ماڻهو هيءَ ڪرامت ڏسي حيران رهجي ويا. (مفتیِ اعظم ہند کی کرامات،ص106)

الله ربُ العزت جي مٿن رحمت هجي ۽ سندن صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪرامت ۽ يارهين شريف جي ڪاڌي جي برڪت واري هن واقعي مان ڪنهن کي بہ شيطاني وسوسن ۾ مبتلا نہ ٿيڻ گهرجي. الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ طفيل پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت جي ڪنهن وليءَ کان اهڙي قسم جون ڪرامتون ظاهر ٿي سگهن ٿيون. ڇو تہ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون ڪرامتون دراصل سندن نبيءَ جو معجزو هونديون آهن، جو انهن جي پيرويءَ جي برڪت سان ئي کين اهو مقام ملندو آهي. (فیوض الباری، 274/2 ماخوذاً) امت جي وليءَ کان اهڙي ڪرامت جو ظاهر ٿيڻ معمولي ڳالهہ آهي، خود اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي تہ ٿورو ڪاڌو ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ ڪافي ٿي ويو، جيئن تہ

## ٿورو ڪاڌو گهڻن ماڻهن لاءِ ڪافي ٿي ويو

حضرت صُهيب رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ ٿورو ڪاڌو تيار ڪيو ۽ دعوت ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيس، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان سان گڏ تشريف فرما هئا. مان شرم وچان ڪجهہ عرض نہ ڪري سگهيس ۽

خاموش ويٺا رهيا. سرڪار صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم منهنجي طرف ڏٺو، مون اشاري سان ڪاڏي لاءِ هلڻ جي التجا ڪئي. پياري آقا صلي الله عليہ وآلہ وسلم (مجلس ۾ ويٺلن بابت) فرمايو: ۽ هي ماڻهو؟ مون عرض ڪيو: نہ. (يعني صرف اوهان هلو). سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش ٿي ويا ۽ مان اٿي ٿي بيٺو رهيس. حضورِ انور صلي الله عليہ وآلہ وسلم وري مون ڏانهن نظر فرمائي، مون وري اٿين ئي اشاري سان عرض ڪيو. فرمايائون: ۽ هي ماڻهو؟ مون عرض ڪيو: نہ. ٻي يا ٽئين دفعي جواب ۾ مون عرض ڪيو: جي ها (يعني انهن کي بہ وٺي هلو). جيتوڻيڪ ڪاڏو ٿورو هو جيڪو مون صرف پياري آقا صلي الله عليہ وآلہ وسلم لاءِ تيار ڪيو هو. مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سمورن صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان سان گڏ تشريف ڪٺي آيا، سيني ڍؤ ڪري ڪاڌو ۽ ڪاڌو پوءِ بہ بچي پيو. (معجم کبیر 45/8، حديث:7321)

## شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو فرمان

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! جن يارهين واري مرشد جي اسان يارهين ملهائيندا آهيون، اسان کي سندن سيرت کي بہ اپنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ سندن ارشادن تي بہ عمل ڪرڻ گهرجي. اچو! حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ فرمان ٻڌون، غوثِ پاڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي ۽ سچائيءَ جو دامن هٿان نہ ڇڏڻ گهرجي.“ (فتوح الغيب مع قلائد الجواہر، ص44 ملخصاً)

اي غوثِ پاڪ جا ديوانو! نيت ڪري وٺو تہ اڄ کان پوءِ ڪو بہ گناهہ نہ ڪنداسين، نمازون قضا نہ ڪنداسين، بغير شرعي اجازت جي جماعت بہ نہ ڇڏينداسين، فرض روزا نہ ڇڏينداسين، زڪوات پوري

ادا ڪنداسين، حج فرض ٿي ويو تہ ادائيگي ۾ دير نہ ڪنداسين، ڪوڙ نہ ڳالهائينداسين، ڏاڙهي نہ ڪوڙائينداسين ۽ نہ ئي هڪ مُٺ کان گهٽائينداسين، فلمون ڊراما نہ ڏسنداسين، گانا باجا نہ ٻڌنداسين، بي پرده عورتن کي نہ ڏسنداسين، وياج نہ کائينداسين، رشوت جي ڏي وٺ نہ ڪنداسين، شراب نہ پيئنداسين، ماءُ پيءُ جي نافرماني نہ ڪنداسين، ڇو تہ اهي سڀ الله پاڪ جون نافرمانيون آهن ۽ اسان جي غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو فرمان آهي تہ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي. جڏهن الله پاڪ جي رحمت سان گناهن کان بچنداسين، خوب نيڪيون ڪنداسين، نيڪ عملن تي عمل ڪنداسين، قافلن ۾ سفر ڪنداسين، عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪنداسين، تہ الله پاڪ ۽ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي پويان پويان جنت ۾ وينداسين. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم!

## يارهين شريف بابت ڪجھ غلط فهمين جو ازالو

(1) غلط فهمي: يارهين جو نياز صرف يارهين تاريخ تي ئي ٿي سگهي ٿو، ٻي ڪنهن ڏينهن نہ

جواب: ائين بلڪل ناهي، اهلِ سنت جي ڪنهن بہ معتبر ڪتاب ۾ ائين لکيل ناهي، جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ اها چوڻ واري جي غلطي آهي. يارهين شريف جو مطلب ”سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ شيخ سيد عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي ايصالِ ثواب ڪرڻ“ آهي ۽ ايصالِ ثواب سال ۾ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو.

(2) غلط فهمي: يارهين شريف ملهائڻ وارا ان کي فرض ۽ واجب سمجهندا آهن.

جواب: هي به غلط ڳالهه آهي، هن رسالي ۾ امامِ اهلِ سنت اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي حوالي سان هيءَ ڳالهه بلڪل واضح ڪئي وئي آهي ته يارهين شريف ڪرڻ مستحب (يعني ثواب وارو ڪم) آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو نه ڪري ته اهو بلڪل گناهگار نه ٿيندو، پر يارهين ڪرڻ کي گناهه سمجهڻ وارو شريعت تي بهتان (يعني غلط الزام) لڳائڻ سبب ضرور گناهه گار ٿيندو. ۽ ها! يارهين شريف ايصالِ ثواب جي لحاظ کان سنت آهي. نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نفعو پهچائي سگهي ته ان کي گهرجي ته کيس نفعو پهچائي. ( مسلم ،ص931،حديث:5727)

(3) غلط فهمي: يارهين جي ڪاڏي کي سامهون رکي فاتحه ڏيارڻ ضروري آهي؟

جواب: يارهين شريف يا ڪنهن به بزرگ جي فاتحه ڏيارڻ لاءِ ڪاڏي جو سامهون رکڻ ضروري ناهي، ان کي ضروري سمجهڻ غلطي آهي ۽ سامهون رکي فاتحه پڙهڻ کي غلط سمجهڻ به غلطي آهي. چو ته فاتحه شريف جي موقعي تي جيڪي به شيون سامهون رکيون وينديون آهن، اهي حلال ۽ پاڪ غذائون ئي هونديون آهن، پوءِ انهن تي قرآني آيتون ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهيو ويندو آهي. جن پاڪيزه شين تي اللّٰه پاڪ جو نالو ورتو وڃي ۽ جن جانورن کي اللّٰه پاڪ جي نالي تي ڪٺو وڃي، اهي حلال آهن. جيئن ته اللّٰه پاڪ قرآن

ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۸﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ان منجهان کائو جنهن تي اللّٰه جو نالو ورتو ويو جيڪڏهن توهان ان جي آيتن تي ايمان رکو ٿا. (سيپارو: 8، الانعام: 118)

## يارهين شريف ملهائڻ جون برڪتون

حضرت مولانا محمد وحيد قادري مرحوم لکن ٿا: اسان جنهن کي به يارهين شريف جو پابند ڏٺو، اهو معاشي طور فارغُ البال (يعني خوشحال) ٿي ويو ۽ روحاني ترقيءَ جي چا ته ڳالهه ڪجي. (برکات گيارہويں،ص20)

جب اپنے غوثِ پاک کی آتی ہے گیارہویں
سب کو بہارِ تازہ دِکھاتی ہے گیارہویں
ہوتی ہیں دُھوم دھام سے عالم میں محفلیں
کانوں کو مدحِ غوث سُناتی ہے گیارہویں
اَجرِ عظیم بانیٔ محفل کو ملتے ہیں
رحمت خُدائے پاک کی لاتی ہے گیارہویں
ہوتا ہے ہر مرید کا کیا باغ باغ دِل
گل گلشنِ جماعت دِکھاتی ہے گیارہویں

(گیارہویں اولیاء و علماء کی نظرمیں ، ص 17)

## غوثِ اعظم جي مُريد لاءِ خوشخبري

فرمانِ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: اللّٰه پاڪ مون سان واعدو فرمايو آهي ته منهنجي مريدن کي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (بہجۃ الاسرار، ص 193 ملخصاً)

سُنا لَاتَخَفْ تیرا فرمانِ عالی
غلاموں کی ڈھارس بندھی غوثِ اعظم

لفظ ۽ ان جي معنيٰ: لَاتَخَفْ: نه ڊڄو

## هڪ مفيد مشورو

الحمدلله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه هن دور جي تمام وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت آهن، جن جي برڪت سان ڪيترائي غير مسلم مسلمان ٿيا، لکن مسلمانن جون زندگيون بدلجي ويون ۽ اهي سنت جي راهه تي هلي پيا. مسلمانن جي خيرخواهيءَ جي جذبي تحت مدني مشورو آهي تہ توهان بہ اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ذريعي سيدي حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مريد ٿي وڃو، ۽ جيڪڏهن توهان اڳي ئي ڪنهن پير صاحب جا مريد آهيو تہ ”بيعتِ برڪت“ حاصل ڪرڻ لاءِ طالب ٿي وڃو، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! دنيا ۽ آخرت ۾ ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون.

## واٽس ايپ (WhatsApp) ذريعي مريد بڻجو

مريد ٿيڻ يا ڪنهن ٻئي کي مريد ڪرائڻ لاءِ انهن جو نالو، پيءُ جو نالو ۽ عمر لکي هن نمبر

**+923212626112**

تي واٽس ايپ ڪريو. هن نمبر تي ڪال وصول نہ ٿيندي آهي، صرف ٽيڪسٽ جي صورت ۾ اهي تفصيل موڪليو.

## روزيءَ ۾ برڪت جو نسخو

واپاري پنهنجي روزاني جي وڪري (Sale) جو 1 سيڪڙو، جڏهن ته پگهاردار پنهنجي هر پگهار واري رقم مان گهٽ ۾ گهٽ 2 سيڪڙو ڪڍي ۽ ماهوار يارهين شريف جي نياز ڪري ته ان شاء الله ان جي روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي. (اگر گهر ۾ نياز ڪرڻ ۾ رڪاوٽ هجي ته ڪنهن ٻئي نيڪ ڪم ۾ اها رقم خرچ ڪري ڇڏيو.)

فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net